International Journal of Human and Society (IJHS)

E-ISSN: 2710-4966 | P-ISSN: 2710-4958

Vol. 5. No. 04 (Oct-Dec) 2025 | Page 207-214

https://doi.org/10.5281/zenodo.20844177

# سنڌي بيت جو ارتقائي جائزو: ابتدائي دور کان ڪلهوڙا دور تائين.

Inayat Ullah Nohrio

Subject Specialist (Sindhi), Education & Literacy Department, Government of Sindh. Ph.D. Scholar, University of Karachi, Karachi

inayatullahnohri@gmail.com

**Abstract:** *'Bait' is an important genre of classical poetry in the Sindhi language. This genre has taken its present form from the Hindi poetry genre 'Doha', The meaning of Doha, is two ends. Historically, this genre began during the Soomra period (1050-1350) when folk tales and stories were sung in the form of 'Gaah' in gatherings. Sindhi bait is a combination of Doha and Sortha.*

*Sindhi poetry has evolved from the Saman period to the Kalhora period and reached its peak during the Kalhora period. During this period, world-class poets like Shah Latif introduced new themes and motifs in Sindhi poetry, which brought about a new kind of revolution in Sindhi poetry. All subsequent poets took influence from Shah Latif and composed poems following his example. This article also attempts to provide a similar evolutionary review in which a brief history of Sindhi poetry from the evolution of Sindhi poetry to the Kalhora period is presented.*

**Keywords:** *classical poetry, Soomra Period, Sindhi language, Doha, Gaah, Bait, Sortha, Folk Literature, Samaan Period.*

## سنڌي بيت جو تعارف ۽ فني گھاڙيٽو :

سنڌي شاعري پنهنجي قديم ذخيري سبب ننڍي کنڊ جي سموري ادبي تاريخ ۾ خاص اهميت رکندڙ رهي آهي. دنيا جي هر سڌريل ٻولي وانگر سنڌي شاعريءَ جي شروعات بادشاهن، راڻين، شهزادن، شهزادين، جنن، پرين ۽ سورمن جي ساراهه ۽ بهادر ماڻهن جي وارتائن سان پري پئي آهي. آڳاٽي زماني کان ننڍو کنڊ شعري بنيادن تي پنهنجي الڳ سڃاڻپ رکندو آيو آهي، ويدن جا شلوڪ هجن يا ٻُڌ جا گفتا، گيتا جا اڌياءِ هُجن يا شاسترن جون رچنائون؛ اهي سڀئي پنهنجي اندر خوبصورت شعري اظهار ۾ آيل آهن. اهڙي ئي نموني جڏهن ننڍو کنڊ هڪ هو ۽ ان ۾ سرحدن جون ديوارون نہ هُيون تڏهن ان وقت شعري اظهار ڪرڻ لاءِ ”دوهي“ يا ”ڏوهيڙي“ جي ٻن سٽن واري صنف کي رواج وٺرايو ويو. دوهي بابت ظفر عباسي لکي ٿو تہ:

”دوهو ڪلاسيڪي هندي شاعري جي ’ٻہ سٽي‘ صنف آهي. دوهو هندي لفظ ’دوها‘ مان ورتل آهي، دو = ٻہ، +ها= پڇاڙي.“ [1]

ٻن پڇاڙين وارن سٽن جي ميلاپ سان ٺهيل هن صنف جي فني بيهڪ کي جاچڻ سان خبر پوي ٿي تہ هن قسم جي شعر جي هر سٽ ٻن حصن ۾ ورهايل هوندي آهي جنهن جي هر پاڱي کي ”پد“ يا ”تڪ“ چيو ويندو آهي. هن جي شعري بيهڪ ۾ ماترائون هونديون آهن. ۽ انهن جي پڇاڙين ۾ قافيو هوندو آهي. شيخ حماد جمالي دوهو آهي تہ :

جُوٽو مت اُوٺو، ڄام تماچي آءُ؛
سَٻاجهي ٻاجھ پيئي، تو سين ٺٽو راءِ. [2]

اهڙي ئي ٻن سٽن واري صنف جنهن جو قافيو آخر ۾ ٿي آيو؛ تنهن هنديءَ ۾ مقبوليت ماڻي. جنهن کان پوءِ سنڌيءَ جي شاعرن پڻ ساڳي طرز تي طبع آزمائي ڪئي. هن قسم جي شعر کي سومرن جي دور ۾ سگھڙن پاران ڪچهرين جي دوران مختلف جنگي توڙي رومانوي داستان بيان ڪرڻ وقت وچ وچ ۾ ماڻهن جو ڌيان ڇڪائڻ لاءِ ڳايو ويو. ۽ ايئن ئي سنڌ ۾ هن صنف کي ”ڳاءِ“ يا ”ڳاهہ“ جو نالو ڏنو ويو، جنهن کي ”بيت“ جي اوائلي شڪل بہ چئبو آهي. ”ڳاهہ“ جي فني بيهڪ ”دوهي“ واري ساڳي آهي. هن قسم جي شعر جي تاريخ بابت ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ:

”ڳاهہ سنڌي بيت جو ابتدائي نمونو آهي. لفظ ’ڳاهہ‘ سنڌي لفظ ڳائڻ مان

نڪتل معلوم ٿئي ٿو. سٽا جي لحاظ کان اڪثر ڳاهون ٻن سٽن جون آهن، جن جي آخر ۾ قافيو اچي ٿو." [3]

شروعاتي ڳاهون موضوع جي لحاظ کان جنگين جي واقعن ڏانهن اشارو ڪن ٿيون. جنهن ۾ سومرن ۽ گجرن جون لڙايون مشهور آهن. انهن ئي جنگين جي دوران ڀانن ۽ چارڻن انهي طرز تي ڪلام چيو ۽ ان کي ڳائي مشهور ڪيو. اهڙين لڙاين دوران سومرن جي دور جي شاعر ڀاڳو ڀان ڳاهون چيون جيڪي ڪتابن ۾ درج آهن.

جَر نہ ڪُٽي ڪنگرين، راوَ نہ ڳنڊيين ويڻ،
گولي وڃي گجرين، تہ چوندا دودي ڀيڻ. [4]

اڳتي هلي شاعرن انهيءَ ۾ هيئتي تجربا ڪري ان جي پدن کي ابتو ڪيو جنهن کي "سورٺي" جو نالو ڏنو ويو. جنهن ۾ قافيي کي پهريئن ۽ ٽئين پد ۾ رکيو ويو. ان کي ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي وڌيڪ واضع ڪندي لکي ٿو تہ :

"دوهي جي پدن کي ڦيرائي رکبو تہ سورٺو ٿي پوندو. يعني هن ۾ بہ بہ سٽون ٿين ۽ هر سٽ ۾ بہ پد ٿين. قافيو هر هڪ سٽ جي وچ تي اچي. پهريون ۽ ٽيون پد پاڻ ۾ هم قافيہ ٿين." [5]

شاهہ ڪريم بلڙي واري جو هيٺ ڏنل سورٺو اهڙي شعري هيئت جو واضع مثال آهي.

هنج تتهين هوءِ، اونهي ۾ اوڙاهہ جو:
اي ڪانيرو ڪوءِ، جو ڇاڇر ۾ ڇيرون ڪري. [6]

انهيءَ سان گڏ سنڌي شاعري ۾ "دوها سورٺا" جي نالي سان گڏيل صنف جو بہ وجود ملي ٿو، جنهن ۾ هيئت جي لحاظ کان پهرين سٽ دوهي جي ۽ ٻي سٽ وري سورٺي جي آهي. دوهي ۽ سورٺي ميلاپ سان شعر جي حسناڪي ۾ گهڻو اضافو ٿيو آهي. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي پنهنجي ڪتاب ۾ لکن ٿا تہ :

"سنڌي شاعريءَ ۾ دوها سورٺا جي ميل سان نيون صنفون بہ ملن ٿيون، جن کي اسين 'دوها سورٺا ميل' جو نالو ڏئي سگهون ٿا." [7]

اهڙي ئي شعري هيئت کي گڏ ڪندي هندي "دوهو" پاڻ ۾ "سورٺي" جي ساٿ سان سنڌي بيت جي اسرڻ جو سبب بڻيو. مٿين مثالن کي جاچيندي اسين اها ڳالهہ چئي سگهون ٿا تہ سنڌي بيت جو جنم دوهي ۽ سورٺي جي سنگم سان ٿيو آهي، يعني اهي هڪ ئي وڻ جون شاخون آهن. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا ان ڳالهہ کي هن نموني بيان ڪري ٿي تہ :

"دوهو، سورٺو ۽ بيت هڪ ئي خاندان جون صنفون آهن. بيهڪ جي تبديليءَ سبب جدا جدا صنفن طور شمار ٿين ٿا. اهو ٿورو فرق بہ ماترائن جي ترتيب يا پد جي بيهڪ جي ڪري آهي." [8]

دوهي ۽ سورٺي سان گڏ سنڌي بيت جي فني بيهڪ "ڇند وديا" واري سٽاءَ تحت آهي. ڇند وديا هندي شاعري ۾ وزن واري اصول کي ڇند وديا چيو ويندو آهي. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ:

"ڇند وديا جي لفظي معني آهي هڪ قسم جو شعري ويس، هڪ شاعريءَ جو ويس، هڪ شاعريءَ جو فن، هڪ شاعري جي سٽا. فني لحاظ کان شاعريءَ جي هن سٽا کي هنديءَ ۾ "هندي پنگل" چيو ويندو آهي، جيڪو سنسڪرت جي ڇند شاسترن تي مبني آهي." [9]

بيت عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معني "گهر" آهي.هيءَ عربي اصطلاح آهي جيڪو وقت گذرڻ سان سنڌي ٻوليءَ ۾ شامل ٿي ويو، هن لفظ جي سنڌي ٻوليءَ ۾ رائج ٿيڻ پويان بہ تاريخي پسمنظر آهي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ان اصطلاح جي سنڌي ٻولي ۾ رائج ٿيڻ بابت تفصيل سان لکيو آهي. سندس چوڻ آهي تہ :

"سنڌ ۾ عربي دور حڪومت (711_1050) واري عرصي ۾، عربي ۽ سنڌي ٻنهي ٻولين جي باهمي مطالعي جو سلسلو شروع ٿيو ۽ ٻنهي ٻولين ۾ مقامي شاعر ۽ عالم پيدا ٿيا. انهيءَ دور ۾ ئي عربي شاعري جي اصطلاحن جي زير اثر 'بَيت'، 'ڪَلامُ'، 'قافِي' ۽ 'مصرع' جا اصطلاح سنڌي شاعري جا جز بنيا." [10]

جيئن تہ هن کان اڳ اسان پهرين بڌائي چڪا آهيون تہ سنڌي بيت جي فني بيهڪ هندي ماترڪ وزن "ڇند وديا" جي اصول تحت آهي. شروعاتي سنڌي بيت ۾ بہ سٽون هُيون، جيڪي پهرين 'دوهي' کان پوءِ 'سورٺي' ۽ ان کان پوءِ 'دوهي سورٺي' جي ميلاپ سان وجود ۾ آيون ۽ سنڌي بيت پنهنجي ارتقائي صورت طئہ ڪئي. دوهي جي پهرين سٽ جي پهرين ۽ ٻئي پد ۾ ترتيبوار 13 ۽ 11 ماترائون، جڏهن تہ ٽئين ۽ چوٿين پد ۾ بہ ساڳئي نموني 13 ۽ 11 ماترائون هونديون آهن. ايئن ئي سورٺي جي پهريئن ۽ ٻئي پد ۾ ترتيبوار 11 ۽ 13 ماترائون، جڏهن تہ ٽيئن ۽ چوٿين پد ۾ بہ ساڳئي طرح سان 11 ۽ 13 ماترائون هونديون آهن. هيٺ 'دوهي' ۽ 'سورٺي' جي ميلاپ سان نهيل سنڌي بيت جا هندي ڇند وديا جي هندي ڪلاسيڪي اصولن تحت لکيل آهن، جيڪي ڪيترا ئي عرصي کان رائج آهن.

### سنڌي دوهي جي فني بيهڪ:

"ڪنز قدوري قافيہ ڪ ڪوهہ نہ پڙهيوم،
سو پار ئي (پيوم) جتان پرين لڌوم." [11]

فني حوالي سان جيڪڏهن اسين قاضي قادن جي مٿئين دوهي جو ڇيد ڪنداسين تہ اسان کي خبر پوندي تہ هر سٽ ۾ قافيو سٽ جي پڇاڙي واري هنڌ آهي، پڙهيوم ۽ لڌوم ان جا واضع مثال آهن. ان کان علاوه هر سٽ ۾ بہ پد آهن، اهڙي طرح هڪ دوهي ۾ جملي چار پد ٿين ٿا. پهرين سٽ ۾ ترتيبوار 24 ماترائون ۽ ٻئي سٽ ۾ بہ 13 ۽ 11 واري ترتيب سان 24 ماترائون

بيهن ٿيون. جيڪو هندي دوهي جو وزن آهي، جنهن تي سنڌي بيت پنهنجي عمارت جو بنياد رکيو آهي.

**سنڌي سورٺي جي فني بيهڪ :**

جهڙيءَ ريت دوهي ۾ قافيو ٻنهي سٽن جي آخر ۾ ايندو آهي، تئين ئي سورٺي ۾ وري فني لحاظ کان دوهي جي ٽئين ۽ چوٿين پد يعني ٻئين سٽ کي ابتو ڪيو ويو آهي. وزن جي لحاظ کان سورٺي ۽ دوهي ۾ ڪو به فرق نہ آهي. پر سورٺي ۾ وزن جي بيهڪ پهرين سٽ ۾ 13 ۽ 11 ماترائون ۽ جڏهن تہ ٻي سٽ ۾ وري 11 ۽ 13 ماترائن واري آهي، جنهن جي ڪري سنڌس قافيو ٽئين پد ۾ ايندو آهي. سمنگ چارڻ جي هو سورٺو ان جو مثال آهي.

”ستينءَ هو سوجهرو، اٿين تي اونداهہ،
هميراڻيءَ باهہ، وساڻي ورهين ڪان.“ [12]

**سنڌي بيت سومرا دور:** (1350ع_1050ع)

تاريخي حوالن موجب سومرن سنڌ تي 300 سال حڪومت ڪئي. سومرن جو دور سنڌي شاعري خاص طور تي سنڌي بيت جي ابتدائي حوالي سان انتهائي اهم رهيو آهي. هنن ٽن صدين جي تاريخ جي ان دور جي ڀٽن، ڀانن ۽ چارڻن پنهنجن شعرن ۾ ڳائي تاريخي حوالي سان پنهنجي دور کي قلمبند ڪري ڇڏيو آهي. اهڙن واقعن ۾ سومرن ۽ گجرن جون لڙايون، سومرن ۽ علاءالدين جي لڙائي ۽ چنيسر جي پڳ بابت ڳاهون مشهور آهن. چنيسر کي جڏهن ڀيءُ جي جڳهہ پڳ جي آڇ ٿي تہ هن پنهنجي ماءُ کان پڇڻ جو چيو جنهن کي هڪ ڀان هن طرح لکيو آهي تہ :

”اوهين ڪريو تياري تخت جي، آءٌ گهمي اچان گهراءَ
وڏي جا ورهن جي، پڇي اچان سا ماءَ.“ [13]

پاڳو ڀان هن دور جو اهم شاعر ٿي گذريو آهي، جنهن جو اصل نالو سائينڏنو هو. سنڌس رزميہ شاعري سنڌي ادب ۾ اهم جاءِ والاري ٿي. هن رزميہ شعرن کان علاوه سومرن جي واڪاڻ ۾ بہ شعر چيا، سنڌس شعر ڏوهيڙي واري فني بيهڪ وارو آهي. سنڌس هڪ رزميہ شعر آهي تہ :

”اپ سپ ڪنهن اوچو، اپ نہ اوچو ڪوءِ،
مئي بہ مٽي ٿيو، سورهيہ سر سنڌوءِ.“ [14]

سنڌس زماني بابت مختلف رايا آهن، پر سڀ هڪ ئي ڳالهہ تي متفق آهن تہ سنڌس زمانو سومرن جي دور وارو آهي. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا ۾ لکيل آهي تہ :

”سنگيت ۽ راڳ نيتيءَ جو وڏو ڄاڻو، پاڳو ڀان سومرن جي دور ۾ اٽڪل 13 صديءَ جي آخر ڄاڻو.“ [15]

پاڳو ڀان کان علاوه سومرن جي دور ۾ سنڌي بيت جي ٻين شاعرن ۾ سنڌ سان لڳندڙ رياست ڪڇ جي علائقي ڪيراڪوٽ جو رهاڪو سمنگ چارڻ بہ تمام گهڻو مشهور آهي جيڪو لاکي ڦُلاڻيءَ جو درباري شاعر هو. پروفيسر محرم خان پنهنجي ڪتاب ۾ سنڌس زماني بابت لکيو آهي تہ :

”هُو (يعني سمنگ چارڻ) قاضي قاضن کان گهٽ ۾ گهٽ ٻہ صديون اڳاٽو آهي.“ [16]

جيئن ڀٽ يا ڀان سومرن جي ساراهہ ۽ سمن جي گلا ڪندا هئا، تيئن ئي چارڻ وري سمن جي ساراهہ ۽ سومرن جي گلا ڪندا هئا. سمنگ چارڻ جون بہ ڪيتريون ئي ڳاهون سومرن جي هجو ۾ چيل آهن. سنڌس هڪ ڳاهہ آهي تہ :

”سچو ڦسي پيا سومرا، اڌ ڦسي پيو لوڪ
جهيڻي ٻارڻ جهوڪ، نہ تہ ليڙ پائي لاٽون ڪري.“ [17]

سومرا دور سنڌي ٻوليءَ ۽ خاص طور سان سنڌي بيت جو شروعاتي ڏاڪو آهي، جنهن تي اڳتي هلي ڪلاسيڪي شاعري جي عمارت جا بنياد پيا ۽ سنڌي شاعري پنهنجو جوهر ڏيکاريو. هن دور ۾ ٻن سٽن وارا بيت اڪثريت سان ملن ٿا، جن ۾ ڀٽن ۽ ڀانن پنهنجن پنهنجن بادشاهن جي ساراهہ ڪئي آهي، پر جيڪي انهن سان ڇڳي ريت نہ هلندا هئا تہ اهي وري پنهنجي شعرن وسيلي انهن جي گلا ڪندا هئا. هن دور جي رومانوي داستانن کي اڳتي هلي ڪلاسيڪي شاعرن پنهنجي شعر وسيلي ڪين مشهور ۽ معروف ڪيو.

**سنڌي بيت سمان دور :** (1520ع_1350ع)

هي دور سنڌي ٻوليءَ جو تعميري دور سڏيو ويو آهي. هن دور ۾ بہ سومرن جي دور جيان سنڌي بيت جي فني ۽ فڪري طرح سان واڌ ويجهہ ٿي. هن دور جي اهم شاعرن ۾ قاضي قادن، اسحاق آهنگر، مخدوم احمد ڀٽي، ۽ شيخ حماد جمالي سان گڏ ماموئي فقيرن جو بہ ذڪر اچي ٿو، جن جا بيت ڪافي مشهور آهن، جيڪي ڪنهن پيشنگوئي جا اهڃاڻ آهن. اڪبر لغاري ان بابت وڌيڪ لکي ٿو تہ :

”ماموئي فقير ست ڄڻا هئا، تنهن ڪري انهن کي ”هفت تن“ بہ چيو ويو آهي. انهن ستن درويشن ڪجهہ اڳڪٿيون ڪيون هيون، جن کي ”ماموين جا معما“ بہ سڏيو ويندو آهي.“ [18]

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ“ ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو حوالو ڏيندي هي ڳالهہ لکي آهي تہ :

”ٻئي نظريي موجب هي بيت سمن جي مخالفن جا چيل آهن، جن جو دلي لاڙو سومرن ڏي هو.“ [19]

هيٺ ڏنل ماموئي فقيرن جي هڪ بيت ۾ سنڌ جي وڃايل درياهہ هاڪڙي جي وري وهڻ جي ڳالهہ ڪيل آهي تہ اهو پنهنجي هاڪ سان وهندو ۽ اروڙ جي ٻنڌ ٽُٽي پوندي، جنهن سان ڪڇ ۾ وينل سمن تائين سنڌ جي سوڪڙي يعني ٻهہ، مڇي ۽ لوڙهہ پهچي ويندا.

"هاڪ وهندو هاڪڙو، پڇندي پنڌ اروڙ:
ٻھ ميچي ۽ لوڙهہ، سمي ويندا سوڪڙي." [20]

قاضي قادن سنڌي ٻوليءَ جو پهريون معلوم شاعر طور تسليم ٿيل آهي. سندس پيدائش بکر ۾ ٿي ۽ کيس اتي ئي قضا جو منصب عطا ٿيس. عام روايتن ۾ آهي تہ زندگي جي آخري ڏهاڪي ۾ ان عهدي کي ڇڏي حج ڏي روانو ٿيو ۽ سندس وفات مديني ۾ ئي ٿي. سندس ڪجھ بيت بيان العارفين مان بہ مليا آهن. قاضي قادن پنهنجي شاعري ۾ مرشد جي لفظ جي طور تي "جوڳي" جو لفظ ڪتب آندو. سندس هڪ بيت آهي تہ :

"جوڳي جاڳايوس، ستو هوس ننڊ ۾،
تهان پوءِ ٿيوس، سندس پريان پيچري." [21]

سمن جي دور ۾ سماع جو محفلون هر هنڌ ٿيڻ لڳيون. جنهن سان سنڌي بيت پنهنجي ارتقائي سفر کي جاري رکيو. جنهن سان نہ صرف سنڌ پر سنڌ جي لڳو لڳ سرحدي ملڪن ڪاٺياواڙ، راجستان، گجرات، لسٻيلي ۽ ملتان تائين بہ سنڌ جو شعر ۽ سنڌي شاعري سفر ڪري پهتي. مخدوم احمد ڀٽي جو روح بہ اهڙي ئي سماع جي محفل ۾ پرواز ٿي ويو، جڏهن هڪ سوناري ڇوڪري هي بيت پڙهيو تہ :

"سڌ سٽي پريڻ جو، وانگي جي نہ ورن،
ڪوڙي دعوي دوست جي، ڪُجاڙي ڪي ڪن." [22]

ڏٺو وڃي تہ سومرن جي دور ۾ سنڌي ڳاهہ گهڻو ڪري واقعاتي هئا، جن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن واقعي جو بيان هو. ايئن ئي سمن جي دور ۾ بہ ڪجھ بيت اهڙ ملن ٿا جن ۾ ڪنهن نہ واقعي جو ذڪر ٿيل آهي. شيخ حماد جمالي بہ اهڙي ئي واقعاتي شاعري ڪئي جنهن جام تماچي جي ڏهلي ۾ نظربندي کي ننديو ۽ ان جي حمايت ڪئي. سندس هڪ دوهو مشهور آهي تہ :

"جُوٺو مت اُوٺو، جام تماچي آءِ:
سَٻاجهي ٻاجھ پيئي، تو سين نٺو راءِ." [23]

مٿين بيت ۾ جام جوٺو کي ننديو ويو آهي ۽ جام تماچي کي واپس ڏسڻ جي اميد ظاهر ڪيل آهي. سمن جي دور ۾ نہ صرف واقعاتي ۽ تصوف سان لاڳاپيل شعر ملي ٿو، پر هن دور ۾ رومانوي طرز تي بہ ڪافي شعر مليو آهي. اسحاق آهنگر بہ اهڙو ئي شاعر آهي، جنهن پنهنجي بيت وسيلي خوبصورت انداز ۾ پنهنجي اندر جي رومانوي ڪيفيت کي بيان ڪيو آهي.

ٿيان مان جهرڪ، وهان پريڻ جي ڇڄ تي،
مان ڪرن ڊرڪ، ٻولي ٻاجهاري مون سين.

هن شعر ۾ نج ٻهراڙيءَ جو ماحول ڏيکاريل آهي تہ شاعر جهرڪ پکي ٿيڻ جي آس ڏسيندي لاٻارو ڪنڌڻ پنهنجي محبوب جي ڇڄ يعني سُپ جنهن سان هو ان جي داڻن کي صاف ڪري رهيو آهي، تنهن تي ويهڻ جي تمنا ڏيکاري آهي. اڳتي شاعر چئي ٿو تہ مونکي اڏارڻ لاءِ هو جيڪڏهن ڊرڪ ئي ڪن تہ بہ ڪافي آهي. مٿين بيت بابت ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي پنهنجي ڪتاب "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" ۾ وضاحت ڪندي لکيو آهي تہ :

"ظاهر مضمون موجب هي عشقيہ بيت آهي، هيئت جي لحاظ کان سورٺو آهي. محبوب سان ملڻ جي تمنا ظاهر ڪندي عاشقانہ جذبات ظاهر ڪيل آهن." [24]

سومرن جي دور جيان سمن جي دور ۾ بہ سنڌي بيت پنهنجون ارتقائي منزلون طئہ ڪيون. اها ارتقا نہ صرف موضوع جي لحاظ کان ٿي پر فني حوالي سان جنهن دوهي ۽ سورٺي جي ميلاپ سان سنڌي بيت سرجيو ويو، تنهن اڳتي هلي اهڙي ئي فني بيهڪ اختيار ڪئي. هن دور ۾ ڪجھ بيت ٽن سٽن وارا بہ ملن ٿا.

**سنڌي بيت ارغُون، تُرخان ۽ مُغل دور :(1521ع_1718ع)**

سنڌي ادب جي تاريخ ۾ هن دور کي ٻاهرين تسلط جو دور چيو ويندو آهي. فارسي جي سرڪاري زبان هجڻ جي ناتي ان جي حيثيت کي وڌائي پيش ڪيو ويو. ارغونن، ترخانن ۽ مغلن فارسي ٻولي کي هٿي وٺرائي. هن دور ۾ ڌارين حاڪمن جي ڪري سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۾ ڪافي رنڊڪون آيون، پر ان جي باوجود بہ ڪافي شاعرن سنڌي ۾ ڪلام چيو جن ۾ شاهہ ڪريم بُلڙي وارو، شاهہ لطف الله قادري، شاهہ عنايت رضوي نصرپوري، مخدوم نوح ۽ ٻيا مشهور آهن. هن ئي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ بيتن جو پهريون رسالو شاهہ لطف الله قادري جوڙيو، جيڪو اڳهم ڪوٽ لڳ ماتليءَ جو رهاڪو هو. هن سنڌي بيت کي ست سٽن تائين آڻڻ سان گڏ وراڻ ۽ تڪرار وارا بيت بہ چيا. جنهن جي شاعريءَ جو خاص موضوع تصوف آهي. سندس هڪ بيت آهي تہ :

جتي ڪُون نہ مڪان، ڪو تت ڪيائون سير،
اتي عالم عاقل ڪيترا، پروڙئو پائين پير
اِي ڳجها ڳجھ جي ڳالهڙي، ڪمتر پروڙي ڪير،
اڻ پير ۾ پير، ڪني پاتون پيريين.[25]

شاهہ ڪريم بُلڙي وارو بہ هن زماني جو اهم شاعر آهي، کيس ڪلاسيڪي شاعرن ۾ هڪ خاص مقام حاصل آهي. سندس ڪلام ۽ ملفوظات "بيان العارفين" جي نالي سان مشهور آهي جنهن ۾ سندس 94 بيت شامل آهن. اڪبر لغاري هن بابت وڏيڪ لکي ٿو تہ :

"شاهہ ڪريم کي قديم دور جو سڀ کان وڏو شاعر مڃيو ويو آهي ۽ کيس "سنڌي جو چاسر" ۽ سنڌي ادب جو "وهائو تارو" جا لقب بہ ڏنا ويا آهن." [26]

سندس چيل بيت نہ صرف ٻوليءَ جي رواني ۽ ان جي ذخيري سبب اهميت جا حامل آهن پر انهن ۾ تصوف جا اونها اسرار بہ سمايل آهن. سندن هينئين بيت ۾ محبوب کي پاڻ سان انتهائي ويجهو ڏيکاريو ويو آهي.

”پاٽياريءَ سر ڀڙو، جر تي پکي جيئن،
اسان سڄڻ تيئن، رهيو آهي روح ۾.“[27]

مخدوم لطف الله سنڌي ادب ۾ مخدوم نوح جي نالي سان مشهور آهي. هي صوفي شاعر هالن ۾ ڄائو ۽ اتي ئي پنهنجي ابتدائي تعليم حاصل ڪيائين. سندس چيل بيت بہ فني ۽ فڪري لحاظ سان انتهائي پختا آهن. ٻين سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن جيان سندس شاعريءَ جو خاص موضُوع تصوف ۽ وحدانيت آهي. هينئين بيت ۾ بہ تصوف جو اهڙو ئي رنگ نمايان آهي.

”اپتيان تہ انديون، پوريون پرين ڏسن!
آهي اکڙين، عجب پر پسڻ جي.“ [28]

ميون عنايت رضوي سنڌي بيت جو هڪ وڏو نالو آهي. سندس شاعريءَ ڪان شاهہ عبداللطيف بہ اثر ورتو آهي. سندس پيدائش ٽنڊي الهيار پرسان شاهہ پور جي رضوي ساداتن جي گهراڻي ۾ ٿي. ميئن شاهہ عنايت پنهنجي شاعري ۾ سنڌي عشقيہ داستانن جهڙوڪ مارئي، مومل ۽ سسئي کي ڳايو. سندس کي بيت اڄ سُڃ تائين بہ ملن ٿا. لوڪ داستانن کي ڳائڻ کان سواءِ ميين شاهہ عنايت پنهنجي شاعريءَ ۾ سر سارنگ کي بہ جڳهہ ڏني آهي. هيٺ ڏنل بيت ۾ هن سنڌ جي مختلف حصن جهڙوڪ: ڍٽ، پارڪر، ونگو، پراڻ، سامارو ۽ ٻين جڳهين تي وسڪاري ٿيڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي. جنهن جو مثال سندس رسالي ۾ سر سارنگ جو هي بيت آهي:

”اُنو ڍٽ پارڪر، اُنو سارو سوارو،
مِينهن مُور نہ مَنيو، ونگو ويچارو،
انا پٽ پراڻ جا لڪڙي سامارو،
وٺي گاهہ وڏو ٿيو، تنهن موهہ ۾ موچارو،
وڄڙين وري ڪيو ڍلي تي ڍارو،
ترائي تار ڪيائين، وهيري وارو،
تڏا وڻ ولهار جا، جت صدر سونهارو،
اکڙين آرو، اوڏانهين عنات چئي.“ [29]

جيتوڻيڪ هي دور فارسي حڪمرانن جو هو، ان دور ۾ بہ سنڌي شاعرن پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ ڪلام چيو. هن دور ۾ ئي سنڌي بيت ٽن کان انن سڃ تائين ٿي ويو. بيت ۾ تصوف سان گڏ ٻين موضوعن ۽ ڪلاسيڪي داستانن کي تمثيل طور بيان ڪرڻ واري انداز ۾ تمام گهڻي ترقي ٿي.

**سنڌي بيت ڪلهوڙا دور** :(1718ع_1782ع)

ڪلهوڙا دور کي سنڌي بيت جي سڏاري وارو دور چئجي تہ بہ وڌاءُ نہ آهي.

هي دور ٻين سيني دورن کان وڌيڪ اهميت جو حامل آهي. اُهو انڪري جو ڪيس سنڌي ادب جو سونهري دور چيو ويو آهي.هن دور ۾ سنڌي شاعريءَ خاص طور تي ”بيت“ فني ۽ فڪري لحاظ کان تمام گهڻي ترقي ڪري پختگي حاصل ڪئي. ان سان گڏ سنڌي بيت جي گهاڙيٽي ۾ پڻ ڪيئي تجربا ڪيا ويا، جن ۾ ”ڪبت“ مشهور آهي، جنهن جي سٽاءُ ۾ مسلسل ۽ ڊگها بيت لکيا ويا. جنهن کي گهڻو ڪري مذهبي شاعريءَ لاءِ استعمال ڪيو ويو.

سنڌي ٻوليءَ جو وڏو شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ هن دور سان واسطو رکي ٿو، جنهن جي شاعريءَ کان پوءِ جي ايندڙ سيني شاعرن اثر ورتو آهي. هن دور جي ٻين اهم شاعرن ۾ شاهہ عنايت شهيد، ميون عبدالرحيم گرهوڙي، خواجہ محمد زمان لنواري وارو، روحل فقير ۽ مدن پڳت مشهور آهن. جن سنڌي بيت جي فني ۽ فڪري سطح تي پنهنجي شاعراڻي تخيل ذريعي واڌاري لاءِ ڪوششون ورتيون. شاهہ عبداللطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ سنڌي بيت کي عروج عطا ڪيو ۽ سنڌي بيت ٻين صنفن کان پنهنجو مقام الڳ جوڙي بينو. شاهہ عبداللطيف جي شاعري ۾ تصوف، رومانويت، انسانيت پسندي، ترقي پسندي کان وينڌي جماليات جا لاڙا ملن ٿا. سندس شاعريءَ جي فڪر يا فلسفي کي هڪ مضمون يا مقالي ۾ بيان ڪرڻ ناڪافي آهي، بيت جي ارتقا ۾ شاهہ لطيف جو حصو سيني شاعرن کان گهڻو آهي. هيٺ سندس شعر مان چند مثال ڏجن ٿا.

”چنڊ تنهنجي ذات، پاريان تان نہ پرين سين،
تون اڃو ۾ رات، سڄڻ نت سوجهرا.“
(سُرود ڪنڀات، ص : 353)

چنڊ کي شاعرن سونهن جي علامت طور پنهنجي ڪلام ۾ جڳهہ ڏني آهي، شاهہ عبداللطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ چنڊ کي خوبصورت تہ چيو آهي، پر ان کي پنهنجي محبوب سان ڀيٽڻ جي ڪوشش ناهي ڪئي. هُن جي نظر ۾ چنڊ محبوب کان وڌيڪ سُهڻو ناهي.

”لاهيان جي نہ چِتان، الا! اُن مَر وسران،
مڙهيو منجهانرا، جيءُ منهنجو جن سين.“
(سُر ساموندي، ص : 729)

هتي محبوب کي هر وقت ياد ڪرڻ ۽ ان کي چِت يعني دل تان نہ لهڻ جو خيال پنهنجي شاعراڻي تخيل ۾ هڪ سگهارو رومانوي خيال آهي. هي هڪ طرح سان محبوب کي ياد ڪرڻ بہ آهي تہ ان پنهنجو پاڻ کي بہ ياد ڏيارڻ آهي تہ ان کي دل تان ناهي لاهڻو.

اڪبر لغاري پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ادب جو مختصر جائزو“ ۾ شاهہ عبداللطيف جي ڪلام جون هي خصوصيتون لکيون آهن.

1. ”هندي شاعريءَ وانگر، زال کي عاشق ۽ مڙس کي معشوق ڏيکاريو اٿن.

2. شاهہ سائي جي ڪلام جي سيني قصن ۾ انجام دردناڪ ڏيکاريل آهي.

3. سندن ٻولي نج سنڌي آهي.

4. سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت جي ڀرپور عڪاسي ڪئي اٿن.

5. سندن شاعري تمثيلي آهي.

6. سندن شاعريءَ ۾ جدوجهد ۽ قربانيءَ جو درس ڏنل آهي.“ [30]

شاهہ عبداللطيف جي شاعريءَ جا ڪيترائي پهلو آهن جن تي هن وقت تائين ڪيترين ئي محققن تحقيق ڪري نوان پاسا نروار ڪيا آهن. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته :

”شاهہ صاحب جو ڪلام ايترو ڳوڙهو ۽ گهڻن پهلوئن وارو آهي جو هر سُر ۾ ڪي ٿورا بيت پڙهڻ سان سڄي ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي، تہ بہ عام تاثر قائم ٿيو وڃي. هر سر ڪي پنهنجو پنهنجو تاثر ۽ وايو منڊل آهي. جئن سهڻيءَ ۾ درياءَ، سارنگ ۾ مينهن، سسئيءَ ۾ جبل، ۽ راڻو مارئي ۾ ٿر آهي تئين سيراڳ ۽ سامونڊيءَ ۾ سمنڊ جو وايومنڊل آهي. انهن ٻن سرن ۾ فراق ۽ وصال سان گڏ وڻج واپار بہ هڪ اهڃاڻ آهي. فراق جي ڪيفيت شاهہ صاحب جي ڪلام ۾ تقريبا هر سر ۾ ملي ٿي. جوڳين ۽ سامين جو ذڪر رامڪليءَ ۾ تفصيل سان ملي ٿو. اهڙي طرح رپ، بلاول، پرڀاتي، ڪاپائتي، ڏهر، پورب ۽ ڪارايل ۾ بہ شاهہ صاحب پنهنجي شاعرانہ بلند خياليءَ ۽ تعليم ڏيڻ واري ويچار ۾ عروج تي آهي.“ [31]

شاهہ عبداللطيف جي شاعري جي جمالياتي پاسن تي روشني وجهندي محقق ڊاڪٽر شير مهراڻي پنهنجي ڪتاب ”لطيفيات جو اڀياس“ ۾ لکي ٿو تہ :

”شاهہ صاحب وٽ عام عورت جي جمالياتي احساس ۽ رومانوي لاڙي لاءِ هڪ ڇرڪائيندڙ ڪشش موجود آهي. شاهہ صاحب نہ صرف عام عورت جي جذبن کي سچو جمالياتي اظهار بخشيو آهي بلڪ ان جي وقار کي پڻ قائم رکيو آهي. شاهہ صاحب ان دور ۾ عورت جي رومانوي نفسيات ۽ جمالياتي احساس کي ٻولي عطا ڪئي جنهن دور جي ادب ۾ عورت کي شجر ممنوع ڄاتو ٿي ويو. ٻي پاسي شاهہ جي رسالي جي سرن ۽ سرن جي موسيقيءَ ۾ اهڙو تہ جمالياتي جوهر پريل آهي جنهن ۾ وجدان جي اٿاهين چڪ موجود آهي جنهن جي اثر هيٺ ٻڌندڙ توڙي پڙهندڙ پنهنجي موجود ذهني قابليت ۽ حالت کان هٽي ڪري ان شاعريءَ جي وجداني جمالياتي هيجان ۾ گم ٿي وڃي ٿو.“ [32]

محمد زمان لنواري وارو شاهہ لطيف جو وڏو همعصر هجڻ سان گڏ ڪلهوڙا دور جو اهم صوفي شاعر رهيو آهي. سندس ملاقاتون شاهہ لطيف سان بہ ٿينديون رهنديون هُيون. سندس شاعريءَ ۾ تصوف سان گڏ معرفت جا بہ ڪيترائي نقطا بيان ڪيل آهن. سندس هڪ شعر آهي تہ :

”عارف ۽ عشاق پسڻ گهرن پرينءَ جو،
جنت جا مشتاق اڇا اوراهان ٿيا.“ [33]

ميون عبدالرحيم گرهوڙي وارو بہ ڪلهوڙا دور سان واسطو رکي ٿو. عبدالرحيم گرهوڙي وارو پنهنجي دور جو وڏو عالم، مجتهد ۽ شاعر رهيو آهي. سندس ڪلام ۾ مذهبي عنصر گهڻو غالب آهي. ان سان گڏ سندس ڪلام ۾ جڳهہ جڳهہ تي قران شريف جي آيتن ۽ حديثن جا حوالا موجود آهن جنهن سان سندس قابليت پڌري ٿئي ٿي. ميين عبدالرحيم پنهنجي ڪلام ۾ شاهہ لطيف کي خراج تحسين بہ پيش ڪيو آهي سندس هڪ بيت مشهور آهي تہ :

”آهي عبداللطيف تي رضامندو رحمان،
جوڙي جنهن قران، سنڌي ۾ صحيح ڪيو.“ [34]

روحل فقير بہ ڪلهوڙا دور ۾ سنڌي بيت جي ترقي ۽ ترويج ۾ پنهنجو حصو ڏنو. سندس تعلق ڪنڊڙي سان هو. هن صوفياڻي ڪلام سان گڏ عشقيہ شاعري بہ گهڻي تعداد ۾ ڪئي آهي، سندس هڪ بيت آهي تہ :

”جي لڳو اٿئي تہ لاءِ، هيئنڙو حبيبن سين،
پائي پيچ پرت جا، سپيريان ڏي ساهہ،
وحدت ۾ ٿي واءِ، روحل رتي روح جي.“ [35]

هن جي ڪلام جي خاص خوبي تصوف ۽ وحدت جا نقطا آهن جيڪي سندس ڪلام ۾ جڳهہ جڳهہ تي ملن ٿا. سندس اهڙي خوبي مٿين بيت مان پڌري آهي.

**نتيجو :**

سنڌي ادب جي تاريخي ڪتابن مان مليل حوالن ۽ انهن جي مثالن جي ڇنڊڇاڻ کان پوءِ اسين ڳالهہ چئي سگهون ٿا تہ سنڌي بيت جي ابتدائي شڪل ”ڳاهہ“ آهي، جيڪا سومرن جي دور ۾ شروع ٿي، جنهن ۾ بہ سٽون شامل هيون. اڳتي هلي انهن سٽن جي فني بيهڪ ۾ تبديلي ڪندي شاعرن نوان تجربا ڪيا ۽ هندي دوهي ۽ سورٺي جي ميلاپ سان سنڌي بيت جو جنم ٿيو.

فڪر جي حوالي سان اها ڳالهہ بہ اهم آهي تہ شروعاتي سنڌي ڳاهہ واقعاتي آهي، جنهن ۾ ڀٽ، ڀان ۽ چارڻ پنهنجي پنهنجي سخي سردارن جي ساراهہ سان گڏ انهن جي دشمنن جي گلا يعني هجو بہ ڪندا هئا. سومرن جي دور ۾ سمنگ چارڻ ۽ ڀاڳو ڀان ان جا واضع مثال آهن. ان سان گڏ سومرن جي دور ۾ رزميہ ڳاهون بہ ملن ٿيون جن ۾ سورمن جي ساراهہ بہ ڪيل آهي. عشقيہ ڳاهن جو بنياد بہ هن ئي دور ۾ پيو.

قاضي قاضن، اسحاق آهنگر ۽ سمن جي دور کان پوءِ جي ٻين شاعرن سنڌي بيت جي ترقي ۾ پنهنجو حصو ڏنو آهي. سمن جي دور ۾ سنڌي بيت ۾ ڪيترائي نوان مضمون شامل ٿيا. عشقيہ قصن کان ويندي بهادري جي

اهڃاڻن کي به شاعرن پاران ڳايو ويو ۽ پڻ پاڻ توڙي چارڻن انهن کي نجي محفلن ۾ ڳائي ملڪان ملڪ مشهور ڪيو.

ارغون، ترخان ۽ مغل دور ڪي سنڌي ادب ۾ انتشار وارو دور سڏيو ويو آهي، پر تنهن هوندي به هي دور سنڌي بيت جي حوالي سان انتهائي اهم آهي. هن دور ۾ به ڪيترن شاعرن سنڌي بيت جي ترقي ۾ پنهنجو حصو ڏنو جنهن۾ شاهه لطف الله قادري، ميون شاهه عنات، شاهه ڪريم بلڙي وارو ۽ ٻيا شامل آهن. هن دور ۾ سنڌي بيتن جو پهريون رسالو به ملي ٿو جنهن کي شاهه لطف الله قادري جوڙيو.

ڪلهوڙا دور جنهن کي شاهه لطيف جي ڪري سنڌي ادب جي سونهري دور جي حيثيت حاصل آهي، تنهن ۾ بيت پنهنجي عروج واري منزل ماڻي. هن دور ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي، ميون عبدالرحيم گرهوڙ وارو، روحل فقير ۽ خواجه محمد زمان لنواري واري جي شاعري سنڌي بيت جي عروج واري زماني جي شاهد آهي.

## ※حـــــوالا※


[1] عباسي، ظفر، شاعريءَ جون صنفون، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1996ع، ص 25

[2] لغاري، اڪبر، سنڌي ادب جو مختصر جائزو، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2012ع، ص 29

[3] ميمڻ، عبدالمجيد، سنڌي، ڊاڪٽر، بيت (سٽا ۽ اوسر)، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور، 2002ع، ص 59

[4] گبول، مشتاق، شاعريءَ جون صنفون، روشني پبليڪشن ڪنڊيارو، 2017ع، ص 53

[5] ميمڻ، عبدالمجيد، سنڌي، سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1996ع، ص 58

[6] ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي، شاهه ڪريم جو ڪلام، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2007ع، ص 55

[7] ميمڻ، عبدالمجيد، سنڌي، سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1996ع، ص 59

[8] انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا، جلد اٺون، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو، حيدرآباد، سنڌ.

[9] ميمڻ، عبدالمجيد، سنڌي، ڊاڪٽر، بيت (سٽا ۽ اوسر)، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور، 2002ع، ص 31

[10] بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، بيت، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، سنڌ، پاڪستان، 1971ع، ص 1

[11] مولا بخش، حبيب الله ڀُٽو، سنڌي بيت ۽ ان جي ارتقا، حبيب پبليڪيشن شڪارپور، سنڌ، 1995ع، ص 38

[12] محرم خان، پروفيسر، سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي شاعري، آڳاٽو دور، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ، 2007ع، ص 182

[13] عباسي، پروفيسر خورشيد، ڊاڪٽر، مقالا (مرتب ڪيل، سومرا دور)، سنڌي شعبو ڪراچي يونيورسٽي، 2007ع، ص 32

[14] مولا بخش، حبيب الله ڀُٽو، سنڌي بيت ۽ ان جي ارتقا، حبيب پبليڪيشن شڪارپور، سنڌ، 1995ع، ص 33

[15] انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو، حيدرآباد، سنڌ. آن لائين ويب سائيٽ تان ورتل.

[16] محرم خان، پروفيسر، سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي شاعري، آڳاٽو دور، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ، 2007ع، ص 220

[17] مولا بخش، حبيب الله ڀُٽو، سنڌي بيت ۽ ان جي ارتقا، حبيب پبليڪيشن شڪارپور، سنڌ، 1995ع، ص 28

[18] لغاري، اڪبر، سنڌي ادب جو مختصر جائزو، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2012ع، ص 27،26

[19] جوڻيجو، عبدالجبار، سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1994ع ص 50

[20] ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر، سنڌي ادب جو تاريخي جائزو، عجائب اسٽورز، فريئر روڊ سکر، 1982ع، ص 36

[21] لغاري، اڪبر، سنڌي ادب جو مختصر جائزو، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2012ع، ص 30

[22] جوڻيجو، عبدالجبار، سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1994ع ص 52

[23] ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر، سنڌي ادب جو تاريخي جائزو، عجائب اسٽورز، فريئر روڊ سکر، 1982ع، ص 41

[24] جوڻيجو، عبدالجبار، سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1994ع ص 50

[25] بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، بيت، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، سنڌ، پاڪستان، 1971ع، ص B2

[26] لغاري، اڪبر، سنڌي ادب جو مختصر جائزو، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2012ع، ص 37

[27] ساڳيو، ص 36

[28] مولا بخش، حبيب الله ڀُٽو، سنڌي بيت ۽ ان جي ارتقا، حبيب پبليڪيشن شڪارپور، سنڌ، 1995ع، ص 59

[29] بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، بيت، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، سنڌ، پاڪستان، 1971ع، ص 6

[30] لغاري، اڪبر، سنڌي ادب جو مختصر جائزو، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2012ع، ص 47

[31] جوڻيجو، عبدالجبار، سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، 2000ع، ص 107

[32] مهراڻي، شير، ڊاڪٽر، لطيفيات جو اڀياس، هائير ايجيوڪيشن ڪميشن، اسلام آباد، 2019ع، ص 293،294

[33] جوڻيجو، عبدالجبار، سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، 2000ع، ص 149

[34] دائودپوٽو، عمر بن محمد، شمس العلماءِ، ڊاڪٽر، ڪلام گرهوڙي، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2005ع، ص 50

[35] جوڻيجو، عبدالجبار، سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، 2000ع، ص 152

نوٽ : مقالي ۾ آيل شاهه لطيف جا بيت ’گنج شاهه جو رسالو‘، تان ورتل آهن. جنهن صفدر حُسين ميرزا ۽ شوڪت چاچڙ ترتيب ڏنو آهي، جيڪو شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽي 2012ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو